# شاعريءَ جون صنفون

ظفر عباسي



# شاعريءَ جون صنفون

## ظفر عباسي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ROSHNI BOOK NO. 109

ڪتاب جو نالو: شاعريءَ جون صنفون
ليکڪ: ظفر عباسي
ڇاپو: ٻيو © 1996ع
ڪمپوز: حبيب قادر قريشي ۽ راڻو ميگھواڙ
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
قيمت: 35.00 رپيا

# SHAIREE JOON SINFON

(A Coprehensive study of different technical forms of peotry)
in Sindhi Language

by: ZAFAR ABBASI
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
2nd Edition ©1996

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپڻا

انهن شاعرن

۽ انهن دوستن

جي نالي،

جيڪي

پنهنجي شاعري

۽ پنهنجو فن،

پنهنجي ڌرتيءَ،

پنهنجي قوم،

۽ پنهنجي ٻوليءَ

جي بقا ۽ ترقيءَ

لاءِ استعمال ڪن ٿا

۽ ڪرڻ چاهين ٿا.

ظفر عباسي
15.03.1992

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سَنَاءُ


- مهاڳ/تاج جويو 5
- ٻه اکر/ظفر عباسي 6
• گيت (چند وديا سميت) 10
• غزل (علم عروض سميت) 15
• هڪ سٽو 23
• دوهو 24
• سورٺو 27
• سورٺو دوهو 29
• بيت 30
- ڳاهه 33
- مدحيه بيت 33
- هجويه بيت 34
- فقرا 34
- واقعاتي/رزميه بيت 34
- جهولڻو 35
• هائيڪو/تصويرون 36
• ٽيڙو 41
• هائيڪو نما 42
• ٽڪرو 43
• چئونڪ 44
• رباعي 45
• قطعو 48
• رينگا/پنج سٽا 50
• پنجڪڙا 51
• چئتارو 52
• ترائيل 53
• نَوَ لڪا 55
• نظم 56
• نثري نظم/نثراڻو نظم/نثنظ 59
• آزاد نظم 61
• تجريدي نظم 65
- حمد 67
- نعت 67
- مولود 68
- مداح 69
- معجزو 69
- قصيدو 69
- مرثيو 70
- مناجات 71
- مناقبا 71
- سينگار 74
- ڳنان 74
- ڪلمات 75
- سلام 75
- ٽيهه اکري 75
- الف اشباع وارا نظم 75
- قصه گو شاعري 77
• مخمس 78
• مستزاد 79
• مثنوي 80
• مسدس 81
• لوڪ گيت 82
• ڇيڄ/سهرو 84
- گهڙولي 85
• وائي 86
• ڪافي 89
• سانيٽ 93
• ٽپو 95
• ماهيا 97
- مددي ڪتاب 100


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي چواڻي، "سنڌي ٻولي موسيقيءَ جي ٻولي آهي." اوائلي زماني ۾ هر ٻي شئي وانگر شاعري به ماڻهن جي گڏيل ملڪيت هوندي هئي. اها ڪي مخصوص ماڻهو تخليق نه ڪندا هئا، بس انهن ۾ رڳو وقت سر سڌارو ۽ واڌارو ڪيو ويندو هو. عرب علائقن ۽ يورپ جي ابتڙ مشرق /هند ۾، محبت جي جذبن جو اظهار عورت جي زباني ڪيو ويو آهي. رامائڻ مطابق، "رام لاءِ پهريون سيتا جي دل ۾ پيار پيدا ٿيو." ڀاڳوت گيتا مطابق، "شري ڪرشن کي پهريون رڪمڻيءَ ٻڪ جو سنيهو موڪليو." مها ڀارت مطابق، "نل جي سامهون دمينتيءَ ئي پنهنجي عشق جو اظهار ڪيو." سنڌ ۾ به سسئيءَ، پنهونءَ لاءِ، سهڻيءَ ميهارلاءِ، مومل راڻي لاءِ، ليلا چنيسر لاءِ، مارئيءَ کيت لاءِ، نوريءَ ۽ سورٺ به پنهنجن پنهنجن ٻرين لاءِ گهڻائي ڪشالا ڪڍيا.

پيار اسان جو دين ڌرم آهي. پيار اسان جو ان ايمان آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي ڌرتي، سدا امن ۽ آشتيءَ جي ڌرتي ئي رهي آهي. عربن جيان اسان وٽ نه پاڻ ۾ رتو ڇاڻ رهي آهي ۽ نه ئي يورپ وانگر رياستي خوني جنگيون لڙيون ويون. اهو ئي ڪارڄ آهي جو اهنسا جو فڪر هن ڌرتيءَ مان ئي جنميو هو ۽ ان جو با اثر اظهار هن خطي جي شاعريءَ ۾ اسريو ۽ نسريو.

نثر ۽ شاعريءَ جي ٻوليءَ ۾ فرق اهو آهي ته نثر لکڻ ويل بنا رنڊ روڪ جي لفظن جي هڪ سري تيار ڪئي ويندي آهي ۽ گرامر جي قاعدن کي سامهون رکيو ويندو آهي، پر شاعريءَ جي ٻولي جدا ٿيندي آهي. ان ۾ گرامر جي قاعدن ۽ جوڙجڪ جو خيال ته نه رکبو آهي پر تلفظ جي لحاظ کان شعر جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويندا آهن. شعر جو هر اهڙو ٽڪرو يا فقرو خاص "صوتي ملهه" تي پورو لهندو آهي. هر ٽڪري ۾ اکرن جو هڪ مقرر تعداد هوندو آهي. عروض جي ان اصول ۽ پابندي لڳائڻ کان پوءِ ئي نثر ۽ شعر جداجدا صنفون بنجي پونديون آهن.

شاعريءَ کي پنهنجو هڪ خاص علم ٿيندو آهي، جو هر ملڪ ۽ ٻوليءَ جي مزاج وٽان مرتب ٿيل هوندو آهي. اسان جي سنڌي شاعرن وٽ شاعريءَ جي وزن جا عام طور تي ٻه سرشتا رواج ۾ آهن، هڪ آهي عربي فارسي "علم عروض" ۽ ٻيو هندي "ڇند وديا" ۽ موسيقيءَ جو وزن.

هر ٻوليءَ جون لفظي ۽ صوتي جوڙجڪ جون تقاضائون ئي شاعر کي مجبور ڪنديون آهن ته هو شعر جو ڪهڙو علم ۽ قاعدو، پنهنجي شاعريءَ لاءِ استعمال ڪري. اسان سنڌي شاعريءَ جو مطالعو ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته اها هندي ڇند توڙي فارسي علم عروض، ٻنهي تي رچي وئي آهي ۽ اڄ به رچي وڃي ٿي. اسان جي سمورن ڪلاسيڪي شاعرن قاضي قادن، شاهه ڪريم ، ميون شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

ٿي اَملتاس تان ڪُوڪ ڪويَل ڪري،
هُو ڀري آ- ڀَري آ ڀَري اَڀَري!

مور جا پَرَ تہ مون کي ڏنا ٽِي ميان
ناچُ مون کان نہ ٿي، ريتِ پيئي ٻري.

مَڌ ڪَهڙو بہ آهي، ڪلالو! ڏيو-
رات گهنگهور آ، ڪٿي بہ ٽاٽو ٽَري.

ٻارَ ڪيئي گُتا پر نہ چارڻ ٽڪو،
ٻَنگُ ٻيهر ڇِڪي، ڇَنگُ ڇوربو ڇَري.

جيءُ هو يا جهڳو، داءُ پنهنجو لڳو،
جيت ڇا، هار ڇا، ڪير پنتي وري!

سُر بہ تنهنجو ميان، سر بہ تنهنجو ميان،
ڪَنڌُ تو کان سوا ڪير تولئہ ڌري؟

مينهن جي رات، ڪاٽي وجو اوٺيو
مانڙي ٿي پچي، باهڙي ٿي ٻري!!

آءُ، رابيل مرجهائجن ٿا پيا،
ڪا سُگنڌ آهہ، جنهن جي نہ تو بن سَري!

اي "اَياز" آنٽٽرا! تو تہ پايَل ٻڌي،
پير سوچي نہ رک، ڌر تنتيءَ تي ڌَري!.

شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انيڪ، نرالا ۽ الڳ الڳ ۽ پنهنجا تخليقي وزن بحر پڻ ٺاهي سگهجن ٿا. پر جيڪڏهن وزن بحر يا رديف بہ شاعر جي پيغام/ ڳالهہ کي صحيح نموني پڙهندڙ/ ٻڌندڙ تائين پهچائڻ ۾ بلڪل چاهنا مطابق ترجماني نہ ٿا ڪن تہ ضروري نہ آهي تہ موجوده دور جي تيز رفتاري ۾ اهڙن مونجهارن ۾ پاڻ بہ منجهجي ۽ ٻڌندڙن/ پڙهندڙن کي بہ منجهائجي. اهڙي حالت ۾ ردم ۽ رواني، لفظن جي لاڳاپي، خيال ۽ معنيٰ جي سونهن کي اهميت ڏني وڃي تہ بهتر ٿيندو.

فارسي، اردو ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ غزل ايترو تہ لکيو ويو آهي جو هاڻي غزل لاءِ چئڻ تہ ڪا جاءِ/ موضوع ئي نہ بچيو آهي. پر سريلا ليکڪ هن صنف کي اڃان بہ تمام گهڻو وسيع ٿا سمجهن ۽ هو مختلف وقتن کي ۽ اهڃاڻن کي سهڻي نموني جي نياءُ سان رمزيت، اشاريت، تغزل، طنز ۽ مزاح رستي نئين ڪوجنا، جديد زندگيءَ جي عڪسن، هن صديءَ جي مسئلن ۽ ايندڙ صديءَ جي امنگن، قومي رنگ رستي اڃان تجربا ڪري رهيا آهن. مشهور اردو شاعر عظمت الله خان تہ اردو غزل ۾ قافيي جي قيد جي بہ مخالفت ڪئي آهي. سندس چوڻ آهي تہ "قافيو غزل وانگر هر مصرع جي آخر ۾ استعمال ڪرڻ سان، شعر جو فطري ترنم ختم ٿي وڃي ٿو ۽ خيال پڻ رنڊجي پوي ٿو." هن جو چوڻ آهي تہ، "قافيو هوڻ تہ شاعريءَ خاص ڪري اردو شاعريءَ لاءِ هڪ فطريٰ شئي آهي. ترنم پيدا ڪرڻ لاءِ قافيي جو استعمال ڪارائتو آهي، پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ قافيو خيال جو گلو گهٽي ڇڏي !" ان ڪري جديد شاعرن قافيي کي وڌيڪ نرم ڪري آوازن ۽ اچارن جي بنياد وارا قافيا بہ استعمال ڪيا آهن مثال : پردو، ڪيڏو، ڪارو، کهڙو، وغيره.

سنڌي شاعريءَ ۾ غزل کي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪل صنفن ڪانهوءِ، سڀ کان اهم صنف طور مڃيو وڃي ٿو ۽ هاڻوڪا سنڌي غزل، فارسي توڙي اردو غزل کان ڪنهن بہ لحاظ کان پوئتي نہ آهن. سنڌيءَ جي اٽڪل سمورن شاعرن اڻ ڳڻيا غزل لکيا آهن، جيڪي اسان جي شاعريءَ، توڙي ادب جو اهم اثاثو آهن. هن وقت غزل، سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي نج صنف لڳي رهيو آهي، ڇوتہ سنڌي شاعرن غزل جي فارسي ۽ اردو رنگ کي مڪمل خير باد چئي، ان کي سنڌي رنگ ۽ مزاج ۾ رنگي ڇڏيو آهي.

# ڏوهو

- تلسي ايسي پريت نہ ڪر، جيسي لمبي کجور
ڏوپ لڳي ڇانون نهين، ڀوک لڳي ڦل دور.

– تلسيداس.

- اُپ سپ ڪنهن اُچو، اُپَ نہ اُچو ڪوءِ
مٿي ٻہ مٽي ٿيو، سورهہ سرسندوءِ

– پاڳو يان ١٣١٣ع

- پٽڙ ڪرندي ڊنڊ ۾، جيئن ٿيو آواز
پڙ تي ٻيٽل وڻ منجهان، پکيءَ ڪيو پرواز.

– نارائڻ شيام

- سُڙ ۾ سِر سمايل آهي سڙ ۾ ناهہ سنگيت
ڪنهنجي جيت بہ هار ٿئي ٿي، ڪنهنجي هار بہ جيت

– ميرمحمد پيرزادو

- ٿهڪ ٽڙيءَ مان ٻاهر ايندي، گهٽجي گهٽجي رڪجي ويا
قرب ڪهاڻيون ڪين رهيون، پيار جا پانڌي لڙجي ويا.

– اياز گل

- منہ خاني ۾ ڇلڪن ٿا پيا جام سان گڏ ڪي پاڪ جسم
مسجد ۾ ڪي سجدا ڪن پيا بدخيالابي پاڪ جسم

– ظفر عباسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن:-

پورهيو، پيار ۽ همت، جت تا ڳالهين ليئي تول
دنيا جي دل ڌڙڪي ٿي ۽ چهرو ڊانوان ڊول

- استاد بخاري

سنڌيءَ ۾ بهترين دوها نارائڻ شيام جا سمجهيا وڃن ٿا.

جيئن:-

• ڳيتن جي ماڙيءَ منجهان، تڪي تڪي هيٺن ڪير؟
لٿي جي ڏاڪڻ تان لهي، رکندو هڪ هڪ پير!

• پوهه جي هيءَ رات ۽ آڌيءَ جي ايڪانت،
ڪهري چنڊ جي سانت يا منهنجي دل جي سانت؟

• وقت نه تبديلي ڪندو، تون به نه ڪي ڳڻ ڳوت
اُسَ ۾ گهرجي چانورو، اونداهيءَ ۾ جوت!

• ڏليس هلڻ سان پني ايئن، ڏڳها چلڪنا وار،
تانَ تانَ، هر وارَ تان، واري راڳ ملهار

• لاٿيون لنونديون ڪونلون، انب جهليندا ٻورُ
چاهين نه چاهين سي، مُندَ ڪندن مجبورُ

• رات ايئن ها سيج تي، وکڙيل تنهنجا وارَ
جئن شاعر جي ذهن تي، ربط بنان اشعار

نارائڻ شيام

سنڌيءَ ۾ دوهو ۱۳ ۽ ۱۱ ماترائن تي به لکيو ويجي ٿو، پر شيخ اياز کان وٺي اڄ جي جديد شاعرن ۱٦ ۽ ۱۱ ماترائن تي به دوها لکيا آهن.

# سورنو

من کي لوچ فراق، اسان هون نہ ڏار ٿئي
سڪون پريان ساک، رب ڏکائي ڪڏهين!
(۱۵٤۰ع کان اڳ جو سورنو)

جوڳيءَ جاڳايوس، سٽو هوس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري
– قاضي قادن

ڪاتب لکيو جيئن: لايو لام الف سين،
اسان سجڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.
– شاهه لطيف

هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال جو
پهريون تان راحت، پويون تان پوءِ رهيو.
– سچل سرمست

روئي لڙڪن سان، چاند ڀسايم رات جو
مون پني سمجهيو هاڻ، وسريون گذريون ڳالهڙيون
– نارائڻ شيام

چتيون لڳل رنگين، ڪيڏيون ان تي آس جون،
هيءَ دل آهي ڪين، جڻ گودڙي فقير جي
– نارائڻ شيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سورٺو دوهو

سَتيِءَ هو سوجهرو، اٿيءَ تي اونداهه،
هميراڻي باهه، وساڻي ورهن کي!

– سمنگ چارڻ (١٠٥٠ع کان اڳ)

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ
ٻهه ميڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي

– ماموئيءَ جا بيت

سي ني سيل تڻام، ٻڙ هنام جي ٻاڻان،
اکر اڳيان ايري، واڳون ٿي وريام.

– قاضي قادن

ٻاٽياريءَ سر ٻهڙو، جَرَ تي ٻکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾

– شاه ڪريم

ٻاٽي ڪان ڪمان ۾ ميان مار مَ مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ني توکي لڳي

– شاه لطيف

جيڪڏهن دوهي جا قافيا، دوهي وانگي پڇاڙيءَ ۾ نه هجن ۽ سٽ جي وچ ۾ ۽ پڇاڙيءَ يا پڇاڙيءَ ۽ وچ ۾ هجن ته ان کي، خالص دوهو نه پر سورٺو دوهو چئبو آهي.

اهڙا اوائلي سورٺا دوها، سنڌي شاعريءَ ۾، جهجهي تعداد ۾ ملن ٿا. جيڪي سورٺي دوهي بدارن، بيت جي صنف ۾ وڌيڪ شماريا ويندا آهن ۽ هن وقت بلڪل بيت ليکجن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيت/ ڏوهيڙو/ سلوڪ

سڪر سائي سڪ، جا نہ آڇجي عام کي
سمهي رهہ سيد چئي ٻي پيالي پڪ
نينهن جني جو نانهہ سين تنين ڏني تڪ
لوڪان چڱي لڪ، جي هوءِ حضور حبيب سين
— ميون شاه عنات

سنهي لَڪِ ، نڪ سئين، ڪجل ڀنن نيڻ،
سامونڊي مون سين، ڪِ تو ڪال لنگهائيا.
— شاه لطيف

جيڪر اڇي هاڻ، تہ ڪريان روح رُڃنديون
آيل ڍولئي ساڻ، هوندُ ٻولڳي ڳالهيون ڪيان
— شاه لطيف

عاشق ڪين لڪن، سورج جان هن لوڪ ۾
سدا البيلن جا، رتا نيڻ رهن
ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي سوري پڻ سهن
انئي پهر وِهن سامي سهپيرين سان
— سامي

ساريم اڄ سنگهار، مينهن وسندي سومرا
جيڪي ڏينهن هناسي گڏ ۾ دم نہ ٿياسي ڌار
ڪاتي اڄ اسين ٿيا ڪَاتي آجڙ وار
وڏو قسمت قيدالماءَ جي پري ڪان پنوهار
تيلهان مون اڄ آئيو روئڻ زارو زار
پلپل هِتِ پچار هُتِ بہ سانگيڙن جي
— سچل سرمست

جي تو الڪو ڪنڌ جو، تون چا وڙهندي وڄ
تنهنجي رت ۾ تيج، ناهہ اسان جي ان جي
— شيخ اياز

# هجويه بيت

هنن بيتن ۾ نندڻ جو مفهوم هوندو هو. جيڪي حاڪم، پڻن ۽ پانن ڪي ستائيندا هئا يا ڪنجوس هوندا هئا، انهن کي نندينديُ هُو هجويه بيت چوندا هئا.

مثال: ـ

سڄو ڦسي پيا سومرا، اڄ ڦسي پيو لوڪ
جهيٽي پارڻ جهوڪ، ن تہ ليڙ پيائي لاٽون ڪري

هجوَ گوئيءَ جو ر واج ميرن جي دؤر ۾ سيد خير شاهه ۽ سيد ثابت علي شاهه هڪ ٻئي جون هجوون لکي، وڌو.

# فقرا

فقرا سمن جي دؤر ۾ بيتن سان گڏ مليا هئا. جيڪي ٽڪنديءَ ۾ آهن. انهن مان ۾ ... نوح هوٿياڻيءَ جو فقرو ... وارن ۾ مشهور جنگي نعرو ۽ شاهه مراد شيرازيءَ جو چيل دعائي فقرو اهم آهن. اهي فقرا يا نعرا هڪ سٽ يا ٻه سٽا ملن ٿا.

مثال: ـ

"اوياتي! ڏيئي وڏي ڇمارا"

سيد حسين عرف شاهه مراد ١٤٨٦ع

يا

جوٽو وجي جهوري ماريو
چامر تماچي شهرين چاڙهير.

ـ نوح هوٿياڻي

يا:

بابرڪت شيخ پنو هڪ مٿو هڪ ٽنو

جنگي رجز / نعرو ١٣٥١ع ڏاري

# واقعاتي يا رزميه بيت

واقعاتي يا رزميه بيت، مشهور واقعن ۽ جنگي موقعن تي لکيا ويا آهن. مخدوم غلامحمد بگائيءَ، مخدوم عبدالرحمان ڪهڙن واري جي شهادت جو واقعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منظوم ڪيو. جمن چارڻ، ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي حاڪم عبدالله خان جي وچ ۾ لڳل لڙائيءَ جو رزميہ داستان منظوم ڪيو.رزميہ شاعريءَ جا ٻہ سٺا نمونا، خليفي نبي بخش جي سر ڪيڏاري، سيد حيدر شاهہ جي جنگ نامي ۽ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ ملن ٿا.

# جهولڻو

جهولڻو، اصل ۾ بيت جو ہ نمونو آهي تہ ڪافيءَ جو ہ. هن قسم جا بيت ۽ ڪافيون سڀ ڪان پهريائين، سچل سرمست جي رساليءَ ۾ ملن ٿا.

مثال:

چي ڙي، آڏو لس، بگهيڙ ڪن لوڙا
تن ڪنئون ڪن ہنئي ٽين ہوڙا
چو هنئون چهر چني ٽيو چوڙا
تاتي تاڪ تڪر جا تورڙا
سهناڪ سندا سي سوڙا
ڏيَون مار مٽي من موڙا
سي ٿي ڏرت ڏورڻ جا ڏوڙا
ڏينيو ڏنگ هٽن تا ڏوڙا.
آهن هاڙي منجهہ هزاري.

# هائيڪو/تصويرون

• گليءَ گليءَ ۾ شور
اونهاري جون موڪلون
ٻار، لغڙ ۽ ڏور
– نارائڻ شيام

• گڙن پيا گهنڊ
پروهت ڀڄي ويا
ٺوڪي ايڏي ننڊ.
– شيخ اياز

• ٽون نہ چوين ٽو لڪ
ڳولهي ٿي ٻي ڳالهہ ڪا
منهنجي هڏن مڪ
– شيخ اياز

• ڏيئي ڪنڌ کي ٻانهن
ڪٽ تي ليٽي پئي تڪيئي
رات ستارن ڏانهن
– نارائڻ شيام

• سرءُ، ٻنيون، ٻڪهہ
اُپڙ لئي آتي هئي
ڌرتيءَ ساري سڪهہ
– شيخ اياز

• هو ڏس نڪتي ٻاڦ
تنهنجون اڱوٺيون ڳالهيون
رڳو هئي لاڦ.
– ج – ع – منگهاڻي

• آئي آ ٻن ڇڻ
سين وٺ ٻن ڇاٽيا
نرڄو ڪجهيءَ وڻ.
– تنوير عباسي

• ساز رکيل ٻت ساڻ
بند اکيون چپ ڳانٺو
راڳن ساڻ رهاڻ.
– نارائڻ شيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽيڙو

• سٽ ورهيہ ڇمار
چاليهہ ورهيہ جهد ۾
ويهہ ورهيہ بيمار

– واجد

• ڀاڻ تہ ڀرڻيو ڀنج
نوَ نياڻيون گهر ۾ ڪنواريون
ڇڻ "مولا جا گنج"

– خاڪي جويو

• شاهہ سچل سامي
پيار ڀري ڀريات جا
آهِنِ ڀيامي

اُدل سومرو

ٽيڙو سنڌي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي 'ٽي' . اصطلاحي معنيٰ موجب آسمان تي ڀور وچولي تي بيٺل ستارن کي ٽيڙو چئبو آهي.

هائيڪو کان متاثر ٿي، سنڌيءَ ۾ هيءَ صنف، امداد حسينيءَ متعارف ڪرائي، بلڪہ هائيڪو جو نالو ٿي ٽيڙو رکيو. هن صنف ۾ ڪل ۳۵ ماترائون ٿينديون آهن، يعني هائيڪو کان هڪ ماترا وڌيڪ، جو تہ هائيڪو ۾ ۵+۷+۵ ڀٽيون ماترائون ڪم اينديون آهن. ٽيڙوءَ ۾ پهرين ۽ ٽين سٽ هم قافيہ هونديون آهن ۽ وچين سٽ آزاد هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ نئين ٽهيءَ جي پسنديده صنفن مان هيءَ صنف بہ هڪ آهي.

ڏرتي منهنجو ميت
آءُ انهيءَ جو
اڻ ڳاتو گيت.

– امداد حسيني

# هائيڪو نما

ڀن انڌا ڀن ٻوڙا ڀن بنا زبان
تہ بہ سنڌن رڳن ۾
پيا ترڪن ڪيترا ڳجهہ ڪيترا نوان گيان

— نعيم دريشاڻي

هيءَ صنف هائيڪو کان متاثر ٿي ڊاڪٽر نعيم دريشاڻيءَ ١٩٦٣ع ۾ متعارف ڪرائي. جنهن مطابق هائيڪونما بہ هڪ مڪمل نظم آهي ۽ ٽن سٽن جو ٺهيل ٿو، پر هي نہ علم عروض جي وزن تي ۽ نہ ڇندوديا جي اصول تي ٺهيل پر سنڌس وزن رکيو، سنڌس لفظن تي مدار رکي ٿو. جنهن تحت پهرين ۽ ٽين سٽ ۾ ست ست لفظ ٿين ٿا ۽ وچين سٽ ۾ پنج لفظ. پهرين ۽ ٽين سٽ هم قافيہ بہ هوندي آهي ۽ وچين آزاد.

هن صنف کي سنڌي شاعريءَ ۾ سواءِ ڊاڪٽر نعيم دريشاڻيءَ جي ٻئي ڪنهن بہ ڪونہ استعمال ڪيو. ان ڪري سنڌس ايتري آبياري ٿي نہ سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽڪرو

آئون تنهنجو ترجمان
تون منهنجو داستان
چانڊوڪيون پنهنجو مڪان.
– ڊاڪٽر نعيم دريشاڻي

هيءَ صنف هائيڪو کان متاثر ٿي ڊاڪٽر نعيم دريشاڻي متعارف ڪرائي، ڊاڪٽر نعيم دريشاڻيءَ جي چوڻ مطابق، لفظ "ٽڪرو" لفظ "قطعي" جيان ورتل آهي. هن صنف ۾ ٽي سٽون ٽين ٽيون، هر سٽ ۾ ٽي ٽي لفظ ٽين ٽا ۽ ٽئي سٽون هم قافيه آهن.

چاڪاڻ ته لفظ ڪي ننڍيا ڪي وڏا ٿين ٿا ۽ ٻيو ته موضوع تي به ڪا پابندي ڪانه آهي، ان ڪري ٽي لڳي ٿو ته هيءَ صنف اڳتي وڌي نه سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چئونڪ

ماڻهو ماڻهو آهي نراس
چونڪ چونڪ گلي گلي ۾،
هيسيل هيسيل هيٺو هيٺو
ڪنهن کي ناهي ڪو احساس

– پير بخش پياسي

چئونڪ هند ۽ سنڌ جي سنڌي شاعرن جي تخليق آهي. جنهن ۾ پهرين ۽ چوٿين سٽ پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن، باقي ٻين ۽ ٽين سٽ قافين جي پابندين کان آزاد هونديون آهن. بهرحال هن صنف ۾ وزن ۽ بحر چئني سٽن جو هڪ جهڙو هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رباعي

سهڻي ۾ هيس تي مان اياڳي ياڳي،
ڪوليٽر جو اکيون، هيس اياڳي ساڳي،
جهڙو ٽيو سمهڻ سياڳ تهڙو جاڳڻ
ننسنيءَ جي سمهي تہ مون وڃايو جاڳي.
– نارائڻ شيام

آهستہ اٿي، ٿي مون وٽان جئن نہ وني،
ڇا ٻانهن جي سندريءَ مڙي لوڏ ڪني،
ڪمري ۾ ويني پکڙجي سهڻن جي سڳند،
ٻوڪيل ول واءَ ۾ لڏي شيام ڀني.
– نازائڻ شيام.

رباعيءَ جو لفظ "ربع" مان نڪتل آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ عربي زبان ۾ چار آهي يا ڪنهن شئي جي چوٿين پتي يا چوٿون حصو ۽ رباعيءَ جي لفظي معنيٰ ٿي چار حصا، چار پهلو يا چار جزا. اصطلاحي معنيٰ موجب رباعي چئن مصرعن/ سٽن واري ان نظم کي چئبو آهي، جيڪو رباعيءَ جي مخصوص بحر ۽ ان مان نڪتل خاص 'چوويهن' وزنن مان ڪن تي بہ لکيل هجي. عربَ ان کي رباعي ان ڪري چوندا آهن جو بحر هزج، جنهن ۾ رباعي چئي وڃي ٿي، چئن جزن مان مرڪب ٿئي ٿو ۽ ان ڪري انهيءَ وزن جي هڪ مصرع عربيءَ ۾ ٻن جزن وارو هڪ شعر بڻجي ٿو. ان حساب سان رباعيءَ جي چئن مصرعن ۾ چار شعر ٿين ٿا.

رباعيءَ ۾ ٻہ شعر، ٻہ بيت يا چار مصرعون هئڻ ڪري، هن شعر جي صنف کي 'دوبيتي' ، 'چار مصرعي' ۽ ترانہ جي مختلف نالن سان پڻ سڏيو ويندو هو.

علم عروض ۾ رڳو اهائي شعر جي هڪ صنف اهڙي آهي، جنهن جو وزن متعين يا مقرر ٿيل آهي. رباعي هميشه انهيءَ ئي هڪ بحر ۽ ان مان نڪتل چوويهن وزنن مان ڪن تي بہ لکي سگهجي ٿي.

رباعيءَ جو بحر، بحر هزج آهي جڏهن تہ ان جا مخصوص وزن ڪل چوويهہ آهن جيڪي ان بحر مان اخذ ڪيل آهن جڏهن تہ انهن جا ٻہ شجرا، اخرم ۽ اخراب ٿين ٿا، رباعيءَ جي خزاني جو اصل رڪن "مفاعيلن" آهي. شعر جي سيني صنفن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قطعو

صبح سويري ڇا تہ ٽڙيا ها سهڻا سهڻا ڦول
ڇونڊي ڇونڊي ڦول ڇنا مون جهول پريم توکاڻ،
توتائين ايندي ايندي ٿي بس ٿي ويئي شام
کيئن کريان، تن ۾ آهي سورنگ نہ سنا سرهاڻ!

— نارائڻ شيام

القطع، بريدن يعني ڪپڻ- قطعہ ڪپيل ٽڪرو. اصطلاح ۾ قطعہ جو مطلب، نظم جو اهو ننڍي کان ننڍو ٽڪرو آهي-، جيڪو چئن مصرعن/ سٽن يا ٻن شعرن تي مشتمل هوندو آهي يا جنهن ۾ ٻن کان وڌيڪ شعر هجن ۽ وڌيڪ ۾ ڪا حد مقرر نہ آهي. رباعيءَ وانگر قطعہ ۾ بہ هميشه هڪ مضمون، جذبو يا احساس اوتيو ويندو آهي جو جو اهو هڪڙو ئي موضوع ٿئي ٿو، تنهنڪري قطعہ ۾ جيترا شعر هوندا سي پاڻ ۾ مربوط/ لاڳاپيل هوندا. ايتروڻي نہ پر مصرع/ سٽ جو مصرع/ سٽ سان تسلسل بہ لازمي آهي.

قطع جي مطلع ۾ ڪڏهن ٻنهي مصرعن/ سٽن ۾ رديف قافيو هوندو آهي ۽ ڪڏهن رڳو ٻئي مصرع/ سٽ ۾. قطع جي پهرئين شعر ۾ اڪثر رديف قافيو ٻنهي مصرعن ۾ گهٽ استعمال ٿيندو آهي.

قطعہ ۾ رديف ۽ قافيو يا رڳو قافيو شاعر جي مرضيءَ تي منحصر آهي. قطعہ جي لاءِ بحر يا وزن مقرر نہ آهي بلڪ قطعو رباعيءَ جي وزن ۾ بہ چيو وڃي ٿو، مگر ان حالت ۾ قطعہ جي پهرئين مصرع /سٽ ۾ رديف ۽ قافيو هجڻ نہ گهرجي نہ تہ ان حالت ۾ ان کي رباعي سڏيو ويندو. ٻئي ۽ سيني آخري مصرعن/ سٽن ۾ رديف ۽ قافيو استعمال ٿيندو آهي.

قطعو، جي لفظي معنيٰ آهي ٽڪرو. غزل جي مطلع واري بند کان سواءِ باقي بندن مان ڪوبہ ٽڪرو، قطعي جي طور، ڪم اچي سگهي ٿو. ضروري نہ آهي تہ قطعو چئن سٽن جو لکجي، اهو تمام گهٽين سٽن جو بہ ٿي سگهي ٿو، پر سنڌيءَ ۾ مروج قطعو، چئن سٽن جو لکجي رهيو آهي. ابتدائي قطعا فارسي زده رهيا هئا، پر سنڌيءَ ۾ قطعن کي، سنڌي زبان جي بي باڪ ۽ سرموڙ شاعر، استاد بخاريءَ هتان جي مقامي توڙي عالمي مسئلن سان انفرادي انداز ۾ لاڳاپي، نيٺ سنڌي صنف ۾ آڻي بيهاريو، تان جو سنڌ جي جديد ۽ ترقي پسند شاعرن، جن قطعا لکڻ کي عيب پئي سمجهيو، تن بہ سنڌي زبان ۾ قطعا لکڻ شروع ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطعن لاءِ ضروري ڪونهي تہ پهرين، ٽين ۽ چوٿين سٽ رباعيءَ جيان پاڻ ۾ هم قافيا ۽ هم رديف هجن. پهرين، ٻين ٽين سٽون بہ هم قافيا ٿي سگهن ٿيون، پر نہ تہ اڪثر ٻي ۽ چوٿين سٽ جو هم قافيہ ۽ هم رديف هئڻ ضروري آهي. قطعا، رباعيءَ وارن مخصوص وزن بحرن کان ٻاهرين وزن بحرن تي پڻ لکيا ويندا آهن. هاڻوڪي دؤر ۾ قطعي کي، بيت جيڏي اهميت ڏيارڻ ۾ سنڌيءَ جي، ننڍن وڏن شاعرن سان گڏ، استاد بخاريءَ جي تمام وڏي محنت شامل آهي. هڪ اندازي مطابق استاد بخاريءَ ٽن هزارن کان وڌيڪ قطعا لکيا آهن. عبدالحڪيم ارشد، راشدموراڻيءَ، پرواني ڀٽيءَ، محسن ڪڪڙائيءَ، رازناڻن شاهيءَ، خاڪي جويي، تاج جويي، هدايت بلوچ ۽ ٻين شاعرن قطعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ زيب عاقلي قطعہ نويسيءَ ۾ نهايت اعليٰ مقام رکي ٿو، جنهن صحافت ۾ ان جي ابتدا ڪري ٻين لاءِ گسُ هموار ڪيو.

# رِبنگا / پنج سٽا

انگ اگهاڙا پيٽ بکيا،
کيڏا هن مجبور الا!
ٽيو وسڪارو تہ بہ ڏکيا هي.
ٽاويتا پچائن پور الا!
سلن نہ ڪنهن سان سور الا!

— آصف گل ميمڻ

پنجن سٽن جي هيءَ صنف، سنڌيءَ ۾ تازي متعارف ٿي آهي. هن صنف جون ٻه ٻيون ٻي سٽون، هائڪو/ ٽيڙو جيان هن نديون آهن. جن جي پهرين ۽ ٽين سٽ پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن... جڏهن تہ ٻين سٽن سان چوٿين ۽ پنجين سٽ هم وزن ۽ هم قافيہ هونديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجڪڙا

ڪٿي آ چنڊ! سنڌ؛ چانڊاڻ
دلين ۾ اونڌه ۽ اندوه
قلب ٿيا ڪنهجي ڪارو لوه.
اڙي اڀ تي اسرين ڇاڪاڻ
ڪٿي آ چنڊ! سنڌ؛ چانڊاڻ.

هري دلگير

شاعريءَ جي هيءَ صنف سنڌي شاعرن، هري ڏلگير، پريو وفا ۽ ٻين متعارف ڪرائي. سنڌ ۾ به ڪيترن شاعرن پنجڪڙا لکيا آهن. راشد مورائي، تاج جويو ۽ خاڪي جويو ان ڏس ۾ ڪجهه مثال آهن. هن جو وزن بحر ڪجهه ان ريت آهي ته هن جي هر سٽ جون ماترائون ١٥ - ١٦ ماترائن کان وڌائي نه ٿيون سگهجن.

پنجڪڙا جي پهرين سٽ ۽ چوٿين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ ٻين ۽ ٽين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن. جڏهن ته پنجين سٽ ۾، پهرين سٽ، ساڳي ئي ڪم ايندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چٽارو

ملڻ جي آس وکريل پنا وسيل سگريٽ
جيئن ڪا وياڪل ناري ۽ ٽٽل ايٽ،
ٽٽل ايٽ، منهنجو من يادون ڪپهه پڙا،
جيون ڦٽل حويلي جنهن ۾ زنگ لڳل ڪڙا،
ڪِين وسريو آ تنهنجو اهو پيار مان ڪلڻ،
ياد شيلفن ۾ بس رکو تنهنجو مرڪي ملڻ.

— آصف گل ميمڻ

چٽارو، سنڌيءَ جي، ڇهن سٽن جي اهڙي صنف آهي، جنهن جون ٻه ٻه سٽون هم قافيه آهن. پهرين "ٻه سٽي" هم قافيه بند جو آخري حصو، ٽئين سٽ/ پنڻي بند جو پهريون حصو ٿي ڪم ايندو آهي، اهڙيءَ ريت، ٻيو ٻه سٽو بند پاڻ ۾ هم قافيه هوندو آهي ۽ ٽيون حصو/ ٻه سٽو بند/ آخري بند، پاڻ ۾ هم قافيه هوندو آهي. ان بند جو آخري لفظ قافيو ۽ هن سڄي چٽاري جو پهريون لفظ ساڳيو هوندو آهي.

چٽارو سنڌيءَ ۾ تاج جويي متعارف ڪرايو پر هيءَ صنف ڏکي هجڻ ڪري، سنڌي ۾ مقبول هوندي به عام نه ٿي سگهي آهي. پوءِ به ج. ع. منگهاڻي جي پنڻي لکيا آهن. هيءَ اصل ۾ هندي صنف "ڪنڊليءَ" جو سنڌريل روپ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترائيل

• تون مون کي ياد ڪنديئن، ياد ڪنديئن، ياد ڪنديئن،
مان جڏهن دور، گهڻو دور هليو ويندو سانءِ،
چاهي چاهين ٻه ڪٿي، ڪين وساري سگهنديئن،
تون مون کي ياد ڪنديئن، ياد ڪنديئن، ياد ڪنديئن،

آس نيڻن ۾ ڪٿي مون سان ملڻ جي وهنديئن،
روپ لڙڪن جو وٺي آءُ تڏهن ايندو سانءِ،
تون مون کي ياد ڪنديئن، ياد ڪنديئن، ياد ڪنديئن،
مان جڏهن دور گهڻو دور هليو ويندو سانءِ

– هريڪانت

• ڪنهن تصور ۾ مسڪرايو هوندي،
دل سمائي نه ٿي خوشيءَ ۾ "شيام"!
ڪنهن تخيل ۾ گنگنايو هوندي.
ڪنهن تصور ۾ مسڪرايو هوندي!

ڏيري ڏيري ڪوئي ته آيو هوندي،
سرد پونم جي خامشيءَ ۾ شيام!
ڪنهن تصور ۾ مسڪرايو هوندي،
دل سمائي نه ٿي خوشيءَ ۾ شيام!

– نارائڻ شيام.

• ڪڏهن ڪنهن موڙ تي هوءَ مون کي وچي ملي ڪاش
جنهن هرجائيءَ کي منهنجي ڪائي پرواهه ڪينهي،
ڪيس ٻڌايان ته بس تنهنجي آهيان زنده لاش
ڪڏهن ڪنهن موڙ تي هوءَ مون کي وچي ملي ڪاش

رڻ منجهه ويندي چڏي هنمر نه ڪواهڙو وشواش
هاڻي آڳهات بنان ٻي نه ڪائي واهه ڪينهي،
ڪڏهن ڪنهن موڙ تي هوءَ مون کي وچي ملي ڪاش
جنهن هرجائيءَ کي منهنجي ڪائي پرواهه ڪينهي،

– نصير مرزا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترائيل اصل ۾ فرانسيسي صنف آهي، جنهن جو مقصد آهي "ٽ سِٽُرو". چئن چئن سٽن جي، ٽن بندن واري، هن صنف ۾ جملي اٺ سٽون ٿينديون آهن. جنهن جي پهرين ٽين ۽ پنجين سٽ هم قافيہ هونديون آهن. ٻي ۽ ڇهين سٽ پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن، پهرين سٽ، چوٿين سٽ جي جاءِ تي، "ساڳي سٽ" ورجاءُ طور استعمال ٿيندي آهي ۽ وري آخر ۾، پهرين ۽ ٻين سٽ، ستين ۽ اٺين سٽ جي طور ورجايون وينديون آهن. هن صنف ۾، ساڳي سٽ کي ٽي ڀيرا ڏني، مضمون کي هڪ جاءِ تي سڪ کيو ويندو آهي، ان ڪري اهو خيال ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ٽن مرڪزي سٽن جي وري دهراءُ سان، نہ رڳو دستور جي پوررائي ٿئي، پر خوبصورتي بہ پيدا ٿئي.

هن صنف کي، سنڌي زبان ۾ متعارف ڪرائڻ جو سهرو، سنڌيءَ جي چوٽيءَ جي شاعر، نارائڻ شيام تي آهي. جنهن کان پوءِ هري دلگير ۽ هريڪانت تمام گهڻي لگن ۽ محنت سان، هن صنف کي سنڌيءَ ۾ مانائتو مقام ڏياريو. ايسيتائين جو سنڌيءَ ۾ مڪمل ترائيلن جو مجموعو، هندستان ۾ هريڪانت جو شايع ٿي چڪو آهي. انن سٽن جو هي گهاڙيٽو، ورائيءَ جي ڪري، نہ رڳو مترنم ۾ اثرائتو پڻ ٿي پيو آهي ۽ هاڻي تہ ترائيل سنڌ ۾ بہ تمام گهڻو مقبول ٿيو آهي. سنڌ ۾ امداد حسينيءَ هن صنف کي، متعارف ڪرائڻ جو ڪم سرانجام ڏنو ۽ نہ رڳو هن پر نئين ٽهيءَ جي سمورن سريلن شاعرن جن ۾ تاج بلوچ، اياز گل، مير محمد پير زادو، ادل سومرو، مختيار ملڪ، نصير مرزا، تاج جويو ۽ ٻيا شامل آهن، هن صنف کي مقبول بنايو.

مثال:—تنهنجي نظرن کان جڏهن دورهليو ويندس مان،
پڪ اٿم روئي مون کي روز سنياريندين تون!
تو کي ور ور ڪري پيو ياد تڏهن ايندس مان،
تنهنجي، نظرن کان جڏهن دور هليو ويندس مان!

چنڊ تارن کان لنگهي پار جڏهن ٿيندس مان!
هنجون هاريندي گگن ڏانهن نهاريندين تون.
تنهنجي نظرن کان جڏهن دور هليو ويندس مان،
پڪ اٿم روئي مون کي روز سنياريندين تون!

— هريڪانت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

هڏڪيءَ هير نہ آهي مونکي
جيڪر ڪنهن تہ سنڀاريو هوندو.
تنهنجي آمد سان هي منهنجو
ڀڪي ڀوي گهروندو هيڪر
ڪوڙ ڪتوري ساڻ ڪٽي ڪو
ايندو گهر مهڪائي ويندو
هيءُ من ڪاڻ دلاسي ماندو
هر پاسي واجهائي وينو
ڪو نہ اچي ڳل لائي چوندو
توريءَ ڳالهہ تي هيڏو هاجو؟
تون تہ بنهہ ڪو موڳو آهين!

اِک ڦري ٽي مونجهہ مري ٽي
آس نماڻي، خير گهري ٽي
اڄ ڪو ايندو، اوڏو ٽيندو
اوڏو ٽيندو پٽ ٽهيندو
آٽت ڏيندو، سور سليندو
وجهي ڳراٽي گڏجي وهندو
۽ هينئن چوندو
توريءَ ڳالهہ تي هيڏو هاجو؟
تون تہ بنهہ ڪو موڳو آهين!

پنبڙيون پسنديون، ريهون رسنديون،
آسون ڪسنديون، مسنديون مونجهون،
پيار منجهان هو پلئہ چنيءَ جو
منهنجي ميري منهن تي ڦيري
هلڪي منٽڙي چهنڊي پاڻي
ڪوڙ مچوڙي مرڪي چوندو
توريءَ ڳالهہ تي هيڏو هاجو؟
تون نہ بنهہ ڪو موڳو آهين.

ويجهو ويجهو پير جو ٺهڪو
دل جو ڌهڪو سُر جو سهڪو
اک جو جهمڪو، چوڙيءَ ڇمڪو
ڪاڏيءَ هٽڙا، مهنديءَ رتڙا
ٺڏڙا ٺڏڙا، لسڙا هٽڙا
لائي منهنجي سر جو سائين
چانديءَ جهڙي سُر ۾ چوندو
توريءَ ڳالهہ تي هيڏو هاجو؟
تون تہ بنهہ ڪو موڳو آهين.
ـــــ بردو سنڌي

نظم عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، هڪٻئي سان ملڻ يا ملائڻ. جڏهن تہ لغوي معنيٰ آهي، "پوئڻ." شاعريءَ جي هن صنف ۾ خيالن، لفظن توڙي ردم ۽ موسيقيءَ، سر ۽ لئي تي هڪڙي قسم جي خوبصورت اٽت ڪئي ويندي آهي تہ جيئن پڙهندڙ/ ٻڌندڙ تي بهترين اثر ڇڏي. نظم ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا جيڪي اوائلي آهن، انهن ۾ وزن بحر، هم وزن ۽ هم قافين هجڻ تي گهڻو زور ڏنل هوندو آهي، ٻيا جديد نظم آهن جن ۾ وزن بحر جي پرواهہ بنا، خيال، سنديش/ پيغام کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آزاد نظم

## پيشڪش

اِبتدا ۽ اِنتها جي وسعتن تي ڦهليل،
زِندگيءَ جو شهر، شهرِ لازوال،
شورشن ۽ حادثن جيّ سلطنت،
ٽنهن جي هڪڙيءَ ڪُند ۾،
شورشن ۽ حادثن جي آسپاس،
دُور افتاده بلنديءَ جو مقام،
جنهن تي قائم آهه هڪڙو خوشنما، حيرت جو باغ –
پُرسڪون ۽ پُرفضا، تنهائين، خاموشين جي سرزمين.

وقت جو مالهي عجيب،
ڪنهن عجب، اڻڄاڻ شهزاديءَ جي لاءِ منتظر،
دل کي اکين ۾ سمائي،
خون جا ڳوڙها بنائي،
درد جا دريا وهائي،
پيو سدا پوکي 'محبت' جا نوانِ تازا گلاب
پيشڪش جي لاءِ خوشبو جو ثمر!

مدتن کان پوءِ، ڪڏهين، اوچتو،
شورشن ۽ حادثن جو سلطنت جي شاهزادي،
زندگيءَ جي حُسن بانو،
وقت جي اڻٽڪ اُميدن جي گلابن ۾ ٽئي تي جلوه گر:
دل ني دل ۾ مسڪرائي،
قرب جون بانهون وڌائي،
پيار سان پنهنجو بنائي،
ٿي ڪري،
درد جو تحفو قبول!

– شمشير الحيدري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منحصر آهي ۽ صفحي تي لفظن جي ترتيب پڻ. اهو ڏنو ويو آهي تہ شعر کي ردم جي آزاديءَ جو وڏو ميدان آهي. پنهنجي محدود گهاڙيٽي ۾ آزاد نظم پنهنجيءَ بي هيئتي /فارم ليس نيس ۾ بہ باقاعدگي ڏي لاڙو رکي ٿو."

آزاد نظم ۾ ايڪو، خيال ۽ آواز جي وقفي کي چيو ويو آهي. جنهن جو مثال، هڪ فرينچ سٽ جي ترجمي جي صورت ۾ هيٺين ٿيندو.

پاڇا/ سنڌن نظارن جا/ پهرو ڏين/ ڊنڊ/ اکين جيءَ تي!

يا

سنڌي ۾ هڪ مثال هيٺين ڏيو.

"رات برسات پئي- ياد آئي اوهان جي، مان اڪيلو ۽ برسات جي رات"

ان کي نظم جي صورت ۾ هيٺين لکجي.

رات

برسات پئي

ياد

آئي اوهان جي

مان اڪيلو

۽ برسات جي رات.

انجيل جي ڪجهہ آيتن، توڙي فرينچ اديب ۽ شاعر "وڪٽر هيوگو" جي ناول "لا مزرابل" جي ڪجهہ حصن کي بہ آزاد نظم سڏيو ويو آهي جو تہ انهن ۾ ردم جو عنصر موجود آهي.

مشهور فرينچ شاعر "بودليئر" لکيو آهي تہ، "معجزو اهو آهي تہ نظماڻو نثر، سواءِ بحر وزن ۽ سواءِ قافيي جي موسيقيت سان پرپور آهي. هن هڪ خط ۾ لکيو تہ اسان مان ڪير آهي، جنهن جو هنن ڏينهن ۾ اهو نصب العين آهي تہ هو نثراڻي نظم ۾ هڪ معجزو جاڳائي، جيڪو ردم توڙي قافيي کان سواءِ بہ مترنم هجي، ڪافي لچڪيدار هجي ۽ اوچتو ۽ تڙپندڙ پڻ، جيئن اهو ردمي جنبش کي حاصل پڻ ڪري سگهي. جيڪو ضمير جي اوچتي اڇل سان خوابن جي لهرن وانگر گونجي!"

"دوجاردئين" جي خيال ۾، "آزاد نظم، عام نظم ۽ نظماڻي نثر جي وچ تي آهي."

"شيلي" جي تحقيق موجب، "انگلينڊ، منڪرسن جو (اوشن پوئمس) ۽ فرانس ۾ بود ليئر جون (پيٽٽس پوئمس ان بروس) ١٨٣٦ع ۽ آمريڪا ۾ والٽ وٽمن جو ليوز آف گراس" آزاد نظم جون پهريون ڪوششون آهن. آزاد نظم جو موجد هجڻ جي پيڻ دعويدارن ۾، "پيرو" جي شاعره "ڊيلا روئڪا" ۽ "ميڊم ميري ڪسنڪا" بہ آهن. فرينچ شاعر ل"افارگ" ۽ "گستائو" انفرادي طرح ڏار ڏار ۽ ساڳي وقت، آزاد نظم لکيا، پر فرانس ۾ "آرٿر رانبو"، ان کان چوڏهن پندرهن سال اڳ پنهنجي تخليقي صلاحيتن سان آزاد نظم لکي چڪو هو. ١٨٨٦ع ۾ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مجموعو، "ليزاليو مينيشان" ڇپيو. فرينچ مخزن "لاووگ" ۾ آمريڪي شاعر والٽ وٽمئن جا ترجما ١٨٨٣ع ۾ ڇپيا. جيڪي آزاد نظم هئا. انهن جو اثر فرينچ آزاد شاعريءَ تي پيو. "والٽ وٽمئن" جا ترجما فرينچ شاعر "ولي گرافن" ١٨٨٨ع ۾ ڪيا. ١٨٨٩ع ۾ ولي گرافن جو پنهنجو آزاد نظمن جو مجموعو شايع ٿيو، جنهن کي پڻ آزاد نظم جي مؤجدن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

مطلب ته آزاد نظم جي صنف کي جيترو سؤلو سمجهيو ٿو وڃي، اوترو سولي نه آهي. هن ۾ رائج بحر وزن کان هٽي، ذاتي ۽ انو کا ردم تخليق ڪرڻا ٿا پون. قافيي جو روايتي استعمال ڇڏي، اندروني قافيي ۽ ائسوننس جي استعمال جي ڄاڻ لازمي آهي. موسيقيءَ جي فن سان ويجهو لاڳاپو ضروري آهي. ڇو جو شاعري ۽ موسيقيءَ جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو آهي، پر آزاد نظم لکڻ واري شاعر لاءِ موسيقيءَ جو اڀياس ۽ ان جي ڄاڻ تمام ضروري آهي، ڇو ته موسيقيت کان سواءِ، آزاد نظم جو تصور ئي ناممڪن آهي. هونءَ به ڄاڪاڻ ته شاعري، موسيقيءَ سان ڳوڙهو ڳانڍاپو رکي ٿي، ان ڪري آزاد نظم ۾ قافيي کي پاسيرو رکي مصرعي ۾ ماترائن جي تعداد کي پري ڪري رڳو موسيقيءَ تي ئي مدار رکڻو پوي ٿو.

سنڌيءَ ۾ آزاد نظم، نارائڻ شيام، شيخ راز، شيخ اياز ۽ هري دلگير لکڻ شروع ڪيا، جنهن کان پوءِ بشير موريائي، شمشير الحيدري، سراج، غلام محمد گرامي، بردي سنڌيءَ، گوردن محبوباڻي، موهن ڪلپنا، امداد حسيني، تاج بلوچ، عبدالحڪيم ارشد، الطاف عباسيءَ کان ٿيندي هيءَ صنف اياز گل، نصير مرزا، تاج جويو، آسي زميني، بخشڻ مهراڻوي، مظهر لغاري، اثر، ادل سومري، واجد ۽ ذوالفقار سيال تي پهتي. شمشير الحيدري آزاد نظم جي شاعرن ۾ ارجن شاد، سڳن آهوجا، قمرشهباز، ذوالفقار راشدي، تنوير عباسي، واسديو نرمل، نعيم دريشاڻي ۽ نياز همايونيءَ کي پڻ بهترين شاعر قرار ڏنو آهي. آزاد نظم تي تحقيقي ڪم ڪندڙن ۾ شمشير الحيدري، شيخ عبدالرزاق راز، بشير موريائي ۽ تنوير عباسي پڻ شامل آهن. شمشير الحيدري جي چوڻ مطابق، "آزاد نظم فرانسيسي ادب جي علامت نگاريءَ واري دؤر جي پيدائش آهي ۽ ان جو باني، "ويلي گرئفن" نالي آمريڪي شاعر هو، جو ١٩هين صديءَ جي آخر ۾ پئرس ۾ رهندو هو ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندو هو.

(ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي مضمون مان اختصار)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تجريدي نظم

- پٿرن کي پر تي ويا
دون پيڇن ٽا دونالين جا
ڪنڌ جي ڏڙن تي
پار اسان جا رانديون ڪن ٿا.

– ملڪ نديم

- سرحد تي جي ڦول ڦٽن ٿا
بکيا ڏيڏر کائي وڃن ٿا
سيڪريٽرين جي صلاحن تي
وزير وردين جي واري چنڊين ٿا.
نانگن جا جڏ مينهن وسن ٿا
ڏيڏر بوٽن ۾ لڪي وڃن ٿا

– ملڪ نديم

- ٽنهين ڏهاڙي تو ۽ مون
ڪڏ گوليون خريديون هيون
ڪلهه، تو انهن جي ٻاڇي چاڙهي کائي ڇڏي
۽ مون اهي پوکيون هيون.
اڄ تنهنجو وجود ڌرتيءَ تي ڪونهي
۽ منهنجو گيت پيو آلاپجي.

– ظفر عباسي

- گهوڙي جي پٺيءَ تي
سواري ڪري ٿو هوائي جهاز
ڇاهو هاٿيءَ کي ڪيڄ تي ڪٽي
دنيا جو ٿو چڪر هٽائي.

– ملڪ نديم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعريءَ جي هيءَ صنف، سنڌيءَ ۾ تازو ئي ملڪ نديم، متعارف ڪرائي آهي ۽ هن تمام گهڻا سٺا تجريدي نظم، سنڌي شاعريءَ جي هنج ۾ وڌا آهن. ملڪ نديم کان اڳ هند جي سنڌي شاعرن بہ خوبصورت تجريدي نظم لکيا آهن. هن صنف ۾ تجريدي آرٽ جيان پنهنجن جذبن، اڌمن، چاهنائن، خواهشن ۽ سنديشن کي اهڙي تہ ابتي سبتي نموني پيش ڪيو ويندو آهي، جيئن پڙهندڙ جي ذهن کي چرڪائي وجهن ۽ کيس تمام گهڻو متاثر ڪن.

ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾، هيءَ صنف سنڌيءَ ۾ ايتري گهڻي پلي نہ پئي آهي پرپوءِ بہ ملڪ نديم جون ڪوششون اسان کي اميد ڏيارن ٿيون تہ هيءَ صنف سنڌي شاعريءَ ۾ ضرور پنهنجو اهم مقام ماڻيندي.

هي نظم، لکڻ جي لحاظ کان آزاد نظم، يا نثري نظم جيان لکيا ويندا آهن، وزن بحر ۽ قافين رديفن جي پابندين کان آزاد هوندا آهن. صنف جي خوبصورتيءَ لاءِ اهو شاعر جي صلاحيت تي مدار آهي تہ هو ردم، موسيقي ۽ لفظن کي ڪهڙي نموني ٿو ترتيب ڏئي، جيئن شاعر جو سنديش، پڙهندڙن تي ڀرپور اثر انداز ٿي سگهي.

موضوع مخصوص ٿيندو آهي، جنهن ۾ حضورﷺ جن جي ذڪر ۽ فڪر کي مختلف اندازن ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ نعت گوئي، اوائل کان ئي مروج آهي. تمام گهڻن شاعرن، تمام جهجهي انداز ۾، نعتون چيون آهن، جيڪي مذهبي موقعن تي مسجدن ۾ توڙي ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي ڳايون ونديون آهن. مذهبي احترام ڪارڻ نعت ڳائڻ ۾ ساز جو استعمال ممنوع آهي.

## مولود

- محمد ڏسي من ٺاريان، جنهن لئي اڪنڊيو آهيان.
  سيد ڏسي سڪ لاهيان، جنهن لئي اڪنڊيو آهيان.

مخدوم عبدالرئوف ڀٽي.

منهنجي سيد لهندو سار، مون کي آهي اميد الله ۾
امت ڪارڻ احمد اچي، ۾ مل پاڪ پسندو.
مون کي آهي اميد الله ۾

– شاهه عنا ت رضوي

مولود جي لغوي معنيٰ آهي نئون ڄاول ٻار. هن تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو، جو ان ۾ اسان جي رسول ڪريم جن جي ولادت تي خوشيءَ جو اظهار ڪيل هوندو آهي. ان سان گڏ سندن ساراهه گڻ، مديني جي زيارت لاءِ اڪير به بيان ڪيل هوندي آهي.

هن قسم جي شعر کي فارسيءَ ۾ نعت چيو ويندو آهي. جنهن جو سٽاءُ، غزل جهڙو هوندو آهي. ۾ مولود جو سٽاءُ وائيءَ يا ڪافيءَ جهڙو هوندو آهي. فرق رڳو اهو آهي جو وائي/ڪافي، سر ۽ ساز سان ڳائي ويندي آهي پر مولود الحان سان پڙهيو ويندو آهي. ڪي مولود علم عروض موجب به چيا ويندا آهن.

قديم دور ۾ هن قسم جو مضمون ميين شاهه عنات رضويءَ جي واين مان ملي ٿو. ان کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن، خاص مولود چيا. انهن ۾ مخدوم عبدالرئوف ڀٽي ۽ غلام محمد بگائي ۽ انهن کان پوءِ سچل سرمست جي واين ۾ به ان قسم جو مفهوم آهي، تنهن کان پوءِ پير محمد راشد روضي ڌڻي، فتح فقير، قائم الدين نور محمد، امير بخش، عثمان، فيض محمد، سومر، الهه رکيو، خليفو ڪريم الله، پير محمد اشرف، ملاصاحب ڏنو، سيد قمبر علي شاهه، خليفو عبدالله، ياسين شاهه مقيم، محمد ڪريم خان، پير مهدي شاهه، مولانا محمد عاقل، سانوڻ فقير، همت علي شاهه، شاهه محمد ديدڙ، حسين ديدڙ، غلام حيدر شر، حاجي خانڻ چنجڻي، حاجي عبدالله ڍڪڻ، پير محمد اشرف، اميد علي شاهه ۽ ٻيا شامل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) سڻ، سڄڻ ڪي ڏڄ سنياري سر بسر ساڻي سلام
ور وسيلا واڳ واري سر بسر ساڻي سلام.
– فاضل شاه

قصيدي جي لفظي معنيٰ آهي قصد ڪرڻ يا ارادو ڪرڻ. ڳچ جيترا هموزن بيت، جن مان پهرئين بيت جون ٻئي مصرائون، هم قافيه هجن ۽ ٻين بيتن جي فقط پوئين مصرع ۾، ساڳيو قافيو هجي، تنهن کي قصيدو چئبي سگهجي ٿو. قصيدي ۾ تمام ٿورا، ته به ٻارنهن کان مٿي بند هجن ۽ گهٽ کان گهٽ سؤ سوا بند هجن. قصيدي ۾ اڪثر شروع ۾ شاعر تمهيد يا ديباچي وانگي مضمون آڻي ۽ پوءِ جنهن جي تعريف ڪرڻي هجي، انهي جو نالو ۽ صفتون آڻي يا ٻيو مضمون آڻي ۽ پڇاڙي ۾ انجي حق ۾ دعا گهرندو آهي. قصيدي جو مضمون جدا جدا ٿي سگهي ٿو مثلاً:

الله جي تعريف، حضرت محمد صلعم جن جي نعت يا حضرت علي ڪرمَ الله وجه جي منقبت، ڪنهن بادشاه يا امير جي تعريف يا ڪنهن جي هجو يا شڪايت يا نصحيت يا ڪو ٻيو مضمون. قصيدو، مضمون جي نظر کان مدحيه، هجويه، دعائيه، عشقيه، بهاريه، فخريه يا حاليه وغيره سڏبو آهي. شاعر جو تخلص يا نالو ضروري نه آهي ته پڇاڙيءَ واري بيت ۾ هجي، پر ڪٿي به وچ ۾ اچي سگهي ٿو، پڇاڙيءَ کان اڳي.قديم مشهور شاعرن جا قصيدا مشهور آهن. سڀ کان پهريون قصيدو، عربيءَ ۾ "قصيده برده" نالي سان ملي ٿو. پوين شاعرن جي پيروي قصيدي ۾ ضروري نه آهي. قصيدي ۾ ٢٥ کان گهٽ ۽ ١٧٠ کان وڌيڪ بيت نه ٿا ٿين. قصيدي جي سلسلي ۾ شاعر مير حسن علي خان حسن، آخوند محمد قاسم، غلام محمد شاه گدائي، مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، محمد هاشم مخلص، هدايت علي نجفي ۽ ٻيا شمار ڪري سگهجن ٿا.

## مرثيو

مرثيو، ان نظم کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي وفات تي ڏک/ غم جو اظهار ڪيو وڃي ۽ فوتيءَ جون خوبيون ۽ خصوصيتون نروار ڪيون وڃن. پر هينئر ان شعر کي چيو ٿو وڃي، جنهن ۾ حضرت امام حسين ابن علي ۽ سندس ساٿين جو ذڪر هجي. سڀ کان پهريائين شاهه لطيف جي بيتن مان اهڙو موضوع ملي ٿو، ان کان پوءِ احسان فقير، مخدوم عبدالله نرئي واري، "قصو شهادت حضرت امام حسين" لکيو جنهن ۾ ڪربلا جو واقعو، الف اشباع جي نظم ۾ بيان ڪيائين، ان کانسواءِ جن شاعرن جي شعرن ۾، اهڙو موضوع ملي ٿو، انهن ۾ مخدوم عبدالرئوف ڀٽي، مولوي احمد، سيد خير شاهه، سچل سرمست، سيد ثابت

# قصہ گو شاعري

قصہ گو شاعري يا قصن کي شاعريءَ ۾ بيان ڪرڻ جو رواج سنڌي زبان ۾، ڪالهوڙن دؤر کان بہ اڳ ۾ پيو. حفيظ تيوٽي ان دؤر ۾، "مومل، راڻو" ۽ ٻيا قصا منظوم ڪيا. حفيظ ان ڏس ۾ ڏوهيڙن جي صورت ۾، قصن کي منظوم ڪيو. جڏهن تہ خليفي حاجي عبدالله، مثنويءَ جي مونى ۾ ١٧٩٣ع ۾ "ليليٰ مجنونءَ" جو قصو منظوم ڪيو هو.

# مخمس

• بحر عزت جو گهر مردانگي،
چرخ نيڪيءَ جو قمر مردانگي،
شجر غيرت جو ثمر مردانگي،
شان شوڪت جو ڪڪر مردانگي،
پڻ شب غم جو سحر مردانگي.

• آهه هي بس شيوه اهل وفا،
هن ڪان قائم ٿي توحيد خدا،
پڻ چوين پاڪيزه رسم انبياءَ،
ٿئي ڪڏهين نه هاراه هديٰ
هئي نه دنيا ۾ اگر مردانگي.
—واصف

هي نظم/ شعر، اها صنف آهي، جنهن جي هر بند ۾ پنج سٽون هونديون آهن. منڍ واريون/ پهريون پنج ٿي سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ پوءِ هر بند جي پنجين سٽ، پهرئين بند جي پوئين سٽ / پنجين سٽ سان هم قافيه هجي. هيءَ صنف، سنڌيءَ جي قديم شاعريءَ ۾ عام هئي، پر موجوده دؤر ۾ هيءَ صنف گهٽ لکي ٿي وڃي.

مخمس، عربي شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي پنج، جيڪو خمس مان نڪتل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مستزاد

(١) ڏنو مون کي ساقي شراب صفائي
تي حاصل فنائي؛

(٢) تي اثبات هر جا همہ هيڪڙائي
ٻڌي وئي ٻيائي

مستزاد، عربي صنف آهي، جيڪا عربي لفظ "زائداً" مان نڪتل آهي، جنهن جي معني آهي وڌندڙ ۽ مستزاد جي لفظي معني تي وڌيل

هيءَ شاعري جي اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ هر سٽ/مصرع کان پوءِ ٻہ ٽي لفظ يا فقرو زياده/ وڌيڪ ڪم آڻجن ٿا ۽ اهو فقرو / لفظ مصرع / سٽ وارو قافيو رکندڙ هجي ٿو.

هيءَ صنف انگريز دؤر ۾ سنڌيءَ ۾ چڱي نموني لکي ويندي هئي، هاڻوڪي وقت ۾ ايتري عام نہ آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مسدس

نہ صحبت نہ الفت، محبت اسان ۾
نہ ڪا هڪ ٻئي سان مروت اسان ۾.
نہ ڪا يار جي غرض سنگت اسان ۾ نہ
ڪا پنهنجي ٻين تي ٻنگت اسان ۾ بگهڙ
ٿو ڏسي هر ڪوئي هڪ ٻئي کي
وجهاڻ ٻيار يا واگهو وجهن کي

دلين ۾ اثر يا نہ ڪو ڊپ ٿئي ٿو
نہ ڪو ڪن جي واعظن ٻڌاندڙ هلي ٿو
سيو راهہ دلخواهہ پنهنجي وٺي ٿو
وٺيس دل ڪي جو ڪم اهو ڪم ڪري ٿو
ڏسو حق نظر سان ڇئو سچ چيا هي؟
اها واقعي ڳالهہ آهي ڪِ ناهي؟
– الله بخشَ اٻوجِهو

مسدس، عربي شاعريءَ جي صنف آهي. مسدس، عربي لفظ "ستہ" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڇهہ. مسدس، شعر جي اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ ڇهہ سٽون / مصرعون ٿين ٿيون. هن ۾ جيڪڏهن پهرئين بند جون ڇهہ ئي سٽون هم قافيہ هجن تہ بہ ٺيڪ، پر جيڪڏهن نہ تہ، پهريون چار سٽون پاڻ ۾ هم قافيہ ۽ باقي بہ سٽون پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن.

اردوءَ ۾ هن صنف کي الطاف حسين حالي، مسدس حالي جي ذريعي متعارف ڪرايو، ۽ سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهريائين شاعر الله بخش اٻوجهي، مسدس حالي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪيو، جنهن کان پوءِ، "مسدسِ اٻوجهو" جي نالي سان مسلسل نظم سنڌي شاعريءَ کي ڏنائين. جنهن کان پوءِ بہ انَ دؤر جي ڪيترن شاعرن هن صنف کي لکيو، پر هاڻوڪي دؤر ۾ گهٽ لکجي رهي آهي. البت

عبدالڪريم گدائي، راشد موراني ۽ ٻين جديد نظم، مسدس جي روپ ۾ لکيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لوڪ گيت

## جمالو

منهنجي سنڌ سڄي چانڊاڻ لا-هو جمالو
جنهن ۾ موج پريومهراڻ لا- هو جمالو
جنهن ۾ روحن جي تہ رهاڻ لا- هوجمالو
جنهن ۾ پرورَ رڪندو پٽ لا- هو جمالو
جنهن جي مَندن جي ويندي مت لا-هو جمالو
جنهن جا ڪنول جهان ڪنوارا انگ لا-هو جمالو
جنهن جا انڊلٺ جهڙا رنگ لا- هو جمالو
جنهن جا چارڻ چورين چنگ لا-هو جمالو
جنهن ۾ آڙيون الآرن پر ڪٽي- هو جمالو
جنهن ۾ ڪونجان ڪرڪن ڪر ڪٽي -هو جمالو
جنهن ۾ سارنگ جا سينگار لا-هو جمالو
جنهن ۾ هيجن جي هٻڪار لا- هو جمالو
جنهن ۾ جهانگين جي جهونگار لا- هو جمالو
جنهن ۾ اوڏ مٽيءَ جا ڪوڏ لا- هو جمالو
جنهن جي لک لهي ٿي لوڏ لا - هو جمالو
جنهن ۾ چارڻ چندن هار لا-هو جمالو
جنهن ۾ جاما جلوي دار لا- هو جمالو
جنهن تي سانئينءَ ڪئي تہ سڪار لا- هو جمالو
جنهن جو موروڙو مهير لا- هو جمالو
جنهن جون ڳالهڙيون ڳنڀير لا- هو جمالو
جنهن ۾ مکڻ ولوڙين مايون لا- هو جمالو
جيڪي گهڙا پرين گج پايون لا-هو جمالو
جن جون جيءَ ۾ جوڙيل جايون لا- هو جمالو

نياز همايوني

لوڪ گيت جي پيدائش معياري ادب جي پيدائش کان ايتري پراڻي آهي جو آنيوٽيا جي پيدائش کان بہ اڳاٽي آهي. (لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ -پي -ايچ ڊي ٿيسز عبدالڪريم سنڌيلو) جڏهن کان انسانن ۾ پيار جو جذبو پيدا ٿيو. منجهن محبت جو پچارون پيون ۽ وره وارن وچوڙي ۾، گيتن رستي پنهنجي جذبن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳيچ/ سهرو

مبارڪڙي مبارڪ، ادي! منهنجي الله پجائي،
الله پجائي ڙي، منهنجي مولا پجائي.
مباڪون مونکي ڏياريون مولا، منهنجي خدا آس پجائي
مبارڪڙي مبارڪ، ادي! منهنجي الله پجائي،
خوشيون مونکي ڏيکاريون مولا پينر! ڳيچ خوشي جا ڳايان
مبارڪڙي مبارڪ، ادي! منهنجي الله پجائي،
ڏنيون خوشيون مونکي آهن ڏاتر، اها تہ الله کي جڳائي وڏائي
مبارڪڙي مبارڪ، ادي! منهنجي الله پجائي،

"ڳيچ" يا "ڳيا" "ڳاء" لفظ مان سرجيو آهي. جيڪو/ڳاء لفظ اڄان تائين ڪرهستان جي عورتن ۾ مروج آهي. ان لفظ کي ڳاج، ڳاڄ، ڳاڇ يا ڳيچ بہ ڪوٺيو ويندو آهي. جنهن جي اصطلاحي معنيٰ آهي، اهو گيت جو شاديءَ يا خوشيءَ جي موقعي تي، اڪثرڪري عورتون ڳائين. لاڙ جي ڳيچن کي، "ڳيو" چوندا آهن ۽ ٻين ڪن پاڱن، خصوصن شهرن ۾، ان کيٰ "سهرو" چون ٿا. "ڳيچ" ۽ "ڳيو" خالص سنڌي لفظ آهن. سنڌ اندر سرائڪيءَ ۾، ڳيچن کي "ڳاوڻ" چوندا آهن. سنڌي توڙي سرائڪي ۾ جوڙيل ڳيچ، عام رائج آهن. ٿرپارڪر واري ايراضيءَ ۾ سنڌي ڳيچن سان گڏ ٽري محاورن ۾ رچيل ڳيچ مقامي طور مروج آهن.

هيءَ هڪ قسم جي، سادي شاعري آهي، جنهن جو ڪو خاص فني سٽاءُ ڪونهي. ڪڏهن ان ۾ ڪٿي ڪٿي قافيو هوندو آهي، تہ ڪڏهن اهو بہ ڪونہ هوندو آهي. پر ان ۾ فطري سادگيءَ سان گڏ رس رچاءُ ۽ رواني هوندي آهي. سنڌي ڳيچ يا سهرا، سنڌي رهڻي ڪهڻيءَ جا ترجمان آهن. جن ۾ سنڌي مخصوص ريتن، رسمن، ذهني لاڙن مزاج ۽ فطرت جو عڪس نظر ايندو آهي.

سومرن جي دور جي ١٣٠٠ع کان اڳ جي، "مائي مرڪان شيخڻ" جا ڳيچ سنڌي شاعريءَ ۾ اوائلي ڳيچ مڃجن ٿا. اهڙا سادا سلوڻا ڳيچ، هن دور تائين عام ڳائيندڙ عورتون پنهنجي ٺي زبان ۾ ۽ ذهن سان موقعن ۽ مهلن جي مناسبت سان ٺاهينديون ۽ ڳائينديون آهن.

سٽاءَ جي لحاظ کان ڳيچ جي شروعات ٽلهہ سان ٿئي ٿي، جو هڪ يا ٻن سٽن جو هوندو آهي. ان جي پويان مصرعون هونديون آهن، پر معنوي لحاظ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وائي

• ووڙيندي مون واٽ

لڌو سچ لڪن ۾.
ڇپر منجهه ڇپي ويا اوٺين اوچا ڳاٽ
لڌو سچ لڪن ۾.
ڪيڏو اهڪو پنڌ پنڌ هو ڇانوَ نه ڪا ٿي ڇاٽ
لڌو سچ لڪن ۾.
اونداهي ۾ اوجهڙو، رهتو جيئڻ جاٽ.
لڌو سچ لڪن ۾.

ـ شيخ اياز.

• هو جي ڪالهه ٽڏي
ڇپر منجهه ڇڏي،
ڪهه ڇاڻان ڪاڏي ويا.
هاء ويا هو قافلا
ڪهڙيءَ لوءِ لڏي.
ڪهه ڇاڻان ڪاڏي ويا.
جن جا پيرا پوڇيا،
منهنجي جيءَ جڏي.
ڪهه ڇاڻان ڪاڏي ويا.
واڪا واڪا واءُ مان،
ٿي اڄ سچ سڏي.
ڪهه ڇاڻان ڪاڏي ويا.

ـ شيخ اياز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي

ڪيئن ريجهايان تو کي ڪيئن پرچايان
ڏس ڪو ڏانءَ جنهن سان توکي پرچايان.

– جان ٿيان هندو، پوڄان بتخاني،
ڪاشي دواري گنگا آشناني،
جٿيو پايان ڪين مان تلڪ لڳايان

– جان ٿيان ناچو ڀڃريان پيشوازي،
ڏڪڙ ڏمچر ساز آوازي،
ڦيرڙيون پايان ڪين چيريون چمڪايان

– جان ٿيان مومن نيڪ نمازي،
جنهن پر جانب تون ٿيئن راضي
جامع جوڙايان ڪين سرڙو نمايان

– اڄ تہ پيارل ڪريون پرچاءُ
ساڻ سليمان ٿئي سرچاءُ
لائق ناهيان تہ بہ تنهنجڙي آهيان

– سليمان فقير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي، لوڪ ادب جي پياري ۽ اهميت واري صنف آهي. هن جو اوائلي شاعر، حاجي جانڻ مشهور آهي. ڪافيءَ ۾ ڪو به وڌاءُ يا مبالغو نه هوندو آهي. جو جو مبالغو ۽ وڌاءُ غزل ۾ روا آهن. عربيءَ ۾ قفه جي معنيٰ آهي، دف جي ڪاٺي جنهن ۾ گهنگهرو پيل هجن.

غلام محمد گراميءَ جي چوڻ مطابق، "تاريخي طور، ڪافيءَ جو وجود شاه لطيف کان به صديون اڳ معلوم ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾ هڪ بزرگ لاڏجيو برهانپوري آهي ۽ ٻيو مير محمد فاضل بکري آهي. بزرگ لاڏجيوجي ۱۰۰۷هه ۾ وفات ٿي آهي ۽ شاه لطيف ۱۱٦۵هه ۾ وفات ڪئي. اهو بزرگ شاه لطيف کان ڏيڍ صدي اڳ، همايون جي سنڌ ۾ آمد وقت، پاڻ مان لڏي برهانپور پهتو.

پاڻ سُريلو ۽ سوز وارو ماڻهو هو. سندس ڪافيون نهايت سوز سان، صاحب دل ماڻهن جي مجلسن ۾ پڙهيون وينديون هيون. مير محمد فاضل بکري، "تاريخ معصوميءَ" جي مصنف مير محمد جو ڀاءُ آهي. سندس باري ۾ "ذخيره الخوانين" ۾ آيل آهي ته، "شعر بزبان سندهي از قسم ڪافي بڪمال فصاحت مي گفت ومقبوليت داشت."

ڪافيءَ جي باري ۾ "برهانپور ڪي سنڌي اولياء" جو مؤلف، ڪافيءَ کي "سنڌ جو مقبول راڳ" سڏي ٿو. منظور نقوي، ڪافيءَ کي سنگيت جي هڪ ٺاٺ مان نڪتل راڳ خسروءَ جي ايجاد سڏي ٿو. غلام حسين سومري جو خيال "دعاي ڪاف" ڏانهن ويو آهي، جنهن ۾ 'ڪاف' (ڪ) گهڻا آهن پر 'ڪاف' مان ڪافي ڪيئن ٿهي ان لاءِ دليل گهرجن پروفيسر سدارنگاڻيءَ ڪافيءَ کي "قناعت" جي معنيٰ ۾ ورتو آهي. موسوي صاحب "ڪفه" يعني دف جي جي ڪاٺي، جنهن ۾ گهنگهرو پيل هجن، ڏانهن توجهه ڇڪايو آهي. "استڪفوا" معنيٰ خيرات وٺڻ. ان ۾ مسڪين ڪافي گو ڳائڻ جي پنڻ ڏانهن اشارو آهي. آخوند رب ڏني "ڪفي" مان ڪافي بيان ڪئي آهي. سندس چوڻ آهي ته، "ساهميءَ جي ٻن پڙن جي برابر هجڻ مان امڪان آهي ته شعر جي ٻن مصرعن جي هموزن ۽ توري تڪي ٺاهڻ کي "ڪفي" چئي، ان مان 'ڪافي' ورتو ويو هجي. ان جو اشتقاق آهي "ڪفوا" معنيٰ ساهميءَ جا ٻئي پڙ برابر. حالانڪ ٻن مصراعن مان به ڪو واضح مطلب نه ٿو ادا ٿئي. ڪافيءَ جي اوائلي مثالن ۾ اهڙي پابندي ڪانه آهي. غزل ۾ ايئن ٿئي ٿو، پر ڪافيءَ جو ٿلهه ته بنهه هڪ سٽو ٿئي ٿو. ڪٿي ڪٿي ته مورڳو مستزاد وانگر ڏيڍي، سوائي ۽ بيٺي مصراع به ٿئي ٿي. خود مطلع ۾ به ۽ اڪثر به ان طرح، ڪافيءَ جون مصراعون ٽن ٽن ۽ چئن چئن سٽن واريون، هم قافيه به ٿين ٿيون. اتي ساهميءَ جي ٻن پڙن جو برابر هئڻ ۽ شعري قافين ۾ اختلاف جو هجڻ قرين قياس نظر نه ٿو اچي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام محمد گراميءَ جو اهو به خيال آهي ته، "دکن، گجرات، مهاراشٽر جي مخلوط صورتن مثلاً گربي، ماڊ، لاتوٽي، سنجهه، سوتا، کنڊلي وغيره اهڙيون صنفون آهن، جن جو فني تعلق ڪنهن حد تائين ڪافيءَ سان پيدا ٿئي ٿو."

جن شاعرن ڪافيون چيون آهن سي سوز ۽ ساز جا صاحب هئا. ان ڪري ٺي چيو ويندو آهي ته، "ڪافي اهو چوي، جيڪو اهل دل هجي ڪافيءَ لاءِ ملتاني، پنجابي، سرائڪي ۽ سنڌي زبانون مناسب آهن. راڳ ڪي هن صنف ۾، اوليت جو شرف حاصل آهي ڇا لاءِ ته اول ڳائجي ۽ جهونگارجي ٿو پوءِ ڪافي لکجي ٿي. ان ڪري جيڪو ڪافي گو شاعر راڳ ڳائي ٿو، سُر تار جو ڄاڻو آهي، سريلو لئه دار آهي، اهوئي ڪافيءَ کي نڀائي سگهي ٿو.

لطف علي شاهه، منظور نقوي جي چوڻ مطابق، "ڪافي، سنڌ جي پيداوار نه آهي. ڪافي موسيقيءَ جي هڪ ٺاٽ مان نڪتل راڳ جو نالو آهي. ان ٺاٽ جو ست سئو ورهه اڳ پنڊت سارنگ ديو، پنهنجي گرنٿ "رتناڪر" ۾ "هر پياميل" ڄاڻايو آهي. امير خسروءَ به هر پاميل ٺاٽ مان، هڪ سمپورن راڳ ڪڍيو جنهن جو نالو رکيائين ڪافي، ڪافي ان ڪري نالو رکيائين جو هن ۾ سڀ سر سنوان سڌا ٿي لڳا. سندس آروهي ۽ امروهيءَ ۾ ست ئي اچي ٿي ويا، تنهن ڪري نالو رکيائين ڪافي، يعني مڪمل، پوري، بلڪل، تمام. سندس ڳائڻ جو وقت اڌ رات ۽ ڏينهن جو منجهند آهي.

طالب المولىٰ جي چوڻ مطابق، "قافيه مان قافي ۽ تنهن مان وري ڪافي نالو پيو." ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ چوائي، "سنڌي نظم جي تاريخ ۾ قافي (جنهن کي غلطيءَ مان ڪافي ڪري لکجي ٿو) قدامت جي لحاظ کان "ڳاهه" کان پوءِ ٻئي درجي تي آهي. "قافي" عربي قافيا / قصيدو نظم جو سؤلو سنڌي نالو آهي.

هنديءَ جي هڪ اهم ڊڪشنري، "هندي شبد ساگر" شايع ڪرائي، هن مستند ڊڪشنريءَ مطابق، "سمپورن ذات جو هڪ راڳ جنهن ۾ گنڌار، ڪومل لڳي ٿو ڪافي ڪانڙو، ڪافي ٽوڙي، ڪافي هولي وغيره، هن جا ڪيئي لاڳو روپ آهن. سمپورن = پورو، مڪمل. علم موسيقيءَ ۾، سرگم جنهن ۾ سڀ سر اچي وڃن.

ڪافيءَ جي لکٽي، ڪجهه ان ريت هوندي آهي ته ٻن سٽن جو هم قافيه ٿلهه هوندو آهي. جنهن کان پوءِ ٽن کان مٿي بند هوندا آهن.جيڪي پنهنجي جاءِ تي مصرعن جي لحاظ کان هم قافيه هيٺ کان پوءِ وراڻي ۾، ٿلهه جي هم قافيه هوندا آهن. ڪافي جا گهاڙيٽا گهٽا ٿيندا آهن، ڏيڍ ٽيءَ کان وٺي ٻارنهن ٽيءَ تائين.

چون ٿا ته ارغونن جي فتح ۽ سمن جي شڪست کان پوءِ واري دؤر ۾، "شيخ لاڏجيو" ڪافيون ڳائيندو هو، تنهن مان ڪافيءَ جي قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪافي ۽ وائيءَ جا نمونا ڪلهوڙا دؤر ۾ موجود ملن ٿا. شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنايت رضويءَ ۽ شاهہ لطيف جون وايون ۽ ميان صاحبڏني فقير ۽ روحل فقير جون ڪافيون بہ موجود آهن. تنهن دؤر جي واين توڙي ڪافين ۾ فني سٽاءَ جي لحاظ کان ڪو بہ فرق نہ ڏٺو ويو. ڪافيءَ جي ٻين شاعرن ۾ سچل سرمست، مراد فقير، پيرمحمد اشرف، دلپت، صديق فقير سومرو، پير صاحب پاڳارو، پيرعلي گوهر شاهہ اصغر، قادر بخش بيدل، بيڪس، نانڪ يوسف، عثمان سانگي، صوفي خير محمد، مخدوم امين محمد، چتو سانگي، شاهہ نصير، مصري شاهہ، دريا خان، اميد علي شاهہ، خواجہ غلام فريد، پير صالح شاهہ، محمد فقير کٽياڻ، حسين ديدڙ، شاهہ محمد ديدڙ، فقير ولي محمد لغاري، مير عبدالحسين سانگي، سيد رکيل شاهہ، صوفي ۽ ٻيا شامل آهن.

ڪافيءَ کي نئين سر منظر عام تي آڻيندڙن ۾، رشيد احمد لاشاري، مخدوم طالب المولیٰ، محمد خان غني، نور شاهين، منظور نقوي، استاد بخاري ۽ ٻيا شاعر شامل آهن.

ڪافيءَ جي ابتدا سنڌيءَ ۾ ڳنان جي لکجڻ سان ٿي سمجهجي ٿو تہ ٿي وئي هئي. مصري شاه کي سنڌ ۾ "ڪافين جو بادشاه" شاعر سڏيو ويندو آهي.

# سانيٽ

تنهنجي مستاني انوکي رفتار
چٽڪ بادل جي رواني آهي!
ڪارا ڪارا هي ڇڙيل تنهنجا وار
صدقي ساوڻ جي جواني آهي!
اڌ کليل نيڻ نشيلا تنهنجا
ياءِ سهڻن ۾ سمايل سپنا!
هي مڌر ٻول رسيلا تنهنجا
ڄاڻ گيتن ۾ سجايل سپنا!

چند سان تو کي جڙڻ لئه بيتاب
تنهنجي دوريءَ کان ٿيس درماندو
سونهن خود خواب، ادائون ٻي خواب
خواب پاڪر ۾ ڪڏهن ڪنهن آندو؟
اڄ به خالي ٿي سندم پاڪر آهه،
خال سيني ۾ جڳن لاڪر آهه!
— نارائڻ شيام

تو کي ڏسي لڙي جڳ، روئندو رهين مگر تون،
ڇا ڪون وٺي نه توکي ٿي ڪل خوشي هتان جي؟
ڏسندي به ڪينڪي ٿو ڪنهن ڏي ڪرين نظر تون
دل تي تري اچئي ٿي ڇا ياد ڪا ڪٿان جي؟
پنهنجا نه پر پراوا ڇڻئي طرف ڏسين ٿو
حيرت وچان سين جي منهن ڏانهن پيو نهارين
ٻولي هتان جي ٻي ۽ تون ڪجهه چوڻ گهرين ٿو.
ڳالهائين ڪينئي ۽ ڪنهن سان، ان لاءِ لڙڪ هارين؟

تنهنجي نظر ۾ جنهن جا سپنا منا وسن ٿا
ڪهڙو جهان آهي سو صلح سانت وارو؟
روشن اتي جي آهن سي سج ۽ چند ڪهڙا
چهري ۾ تنهنجي جن جو ٻهڪي ٿو نور نيارو؟
تنهنجي اکين ۾ ڪهڙن تارن جي جڳمڳاهٽ
تنهنجي چپن تي ڪهڙين مڪڙين جي مسڪراهٽ؟
— نارائڻ شيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصرع هوندا آهن جن جو پهريون مصرع ننڍو ۽ ٻيو وڏو ٿيندو آهي. ان کي عربي عروض جي حوالي سان ڏسجي ته پهرئين مصرع ۾ ۹ ۽ ٻئي ۾ ۱۳ رڪن ٿيندا آهن، پر هي نوَ ۽ تيرنهن رڪن ڳائڻ واري جي پنهنجي حساب سان ٿيندا آهن. ڳائڻ واري جو علائقو، ان جو قبيلو ۽ ان جو لهجو ۽ ٻيا اهڙا جزا آهن، جيڪي ٽپي جي وزن کي متعين ڪندا آهن. يعني ٽپو ڳائڻ واري جي وزن کي پنهنجي لهجي، تلفظ ۽ پنهنجي علائقي جي، مروج اضافي لفظن (وي قربان يا يڪ زار جهڙا لفظ پهرئين مصرع سان لڳائي ان جي ڪميءَ کي پورو ڪيو ويندو آهي) جو پابند ڪري، ان جي وزن کي پورو ڪيو وڃي ٿو، ان ڪري جيڪڏهن عام ٻولين جا ڄاڻو ۽ جيڪي عربي شاعريءَ جي وزن کان آگاهه آهن، جيڪڏهن ٽپي کي به ان ئي وزن بحرن ۾ جاچڻ جي ڪوشش ڪن ته ممڪن آهي ته اهي ان نتيجي تي پهچن ته انهن ٽپن ۾ نوَ ۽ تيرنهن رڪن جي پابندي ڪانهي! پر اصل ۾ ائين ناهي! ٽپي جي باري ۾ جيڪي خاص ڳالهيون آهن، انهن مطابق، پهرين ڳالهه اها آهي ته ٽپا عورت ۽ مرد جي جذبات جو اظهار هوندا آهن ۽ ٻي ڳالهه ته ٽپو ڇاڪاڻ ته لوڪ گيتن جي هڪ صنف آهي ۽ ان ۾ هڪ عام انسان جون ڌڙڪنون لڪل آهن. جنهن ۾ نقل ۽ بناوت نه آهي ان ڪري هن ٽپن ۾ بي باڪي، اظهار جي شجاعت ۽ بي واسطگي/ ڊائريڪٽنيس هوندي آهي.

پشتو ٽپن جا سنڌي شعر ۽ نثر ۾ ترجما ڪيا ويا آهن. نثر ۾ منير شاهه، گل ملاح ۽ منور ملاح ترجمو ڪيا آهن ۽ منظوم بيتن، هائيڪن ۽ دوهن ۾، ترجما تاج جويو ۽ ارشاد ميمڻ ڪيا آهن.

(پرتو روهيله جي مضمون جو اختصار)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماهيا

• ڊولڻ جا ڏک سک
ڪتابن جي لاءِ گيت بنجي ويا آهن

• چيت تان ڪانگل اڏر
جن راهن تان ڊولڻ اچي، تن تي ڪنڊ وکيريندي وڃان

• ڪاراڻيءَ جو هڪڙو ڏندو ٽٽي ويو.
اي ريل گاڏي آهستي آهستي هلُ! ڪراچيءَ جو سفر ڏکيو آ

• جمي وڃڻ ڪانپوءِ، پاڻي وهي ويو.
اي خط ادب سان هٿ ٻڌي هي سلامُ عرض ڪجان

• ٻڪر جي چانهن ٺاهي رکي اٿن،
خدا جي بندن، چلهي جي پرسان بازي لڳائي رکي اٿن

• پهاڙيءَ جو سفيد پٿر آهي.
نہ ئي اسانجو گهر سليقي جو ٺهيل ۽ نہ ئي ڪمر جو ڊولڻ مليو.

• سرخ مٽيءَ جي پليٽ آهي.
اسان ڪلڻُمان جو گل چونڊيو، ڇا اهو صحيح گلاب آهي؟

• اي پري حوض ڪان اڏري وڃ
هاڻ اسان ٿڪجي ويا آهيون اگر اجازت هجي تہ ان کي ختم ڪجي.

---

• (ماهيي جي جاءِ تي ترجمي ۾ ڊولڻ ڪم آندو ويو آهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ظفر عباسيءَ جو لکيل/ ترتيب ڏنل ڪتاب ”شاعريءَ جون صنفون“ سنڌي زبان ۾ شاعريءَ جي سمورين صنفن تي لکيل پهريون ڪتاب/ ڪتابچو آهي. سنڌي زبان جي هن خوبصورت نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ شاعر، هن ڪتاب لکڻ لاءِ جيڪا محنت ڪئي آهي ۽ جيڪو وسيع مطالعو ڪيو آهي، اهو ٻڌائي ٿو ته ظفر عباسي، ”لئيءَ مان لٺ ٻيجي“ اديب نه ٿيو آهي، پر پڙهڻ سان گڏ ڪڙهيو به آهي. سندس هيءُ ڪتاب، سنڌي اديبن، خاص ڪري نوجوان اديبن/ شاعرن لاءِ گائيڊ بڪ آهي.

هن ڪتاب ۾ ظفر عباسيءَ، جنهن محنت سان هر صنف بابت ابتدائي يا تفصيلي معلومات فراهم ڪئي آهي، اها اِهو ثابت ڪري ٿي ته اسان جي نئين ٽهي ڪوڪلي ناهي، پر ڀرپور تخليقي صلاحيتن جي مالڪ آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ مروج نج سنڌي صنفن ۽ ٻين ٻولين مان ورتل ۽ پنهنجين ڪيل صنفن بابت معلومات ڏنل آهي ۽ هر لحاظ کان هيءَ ڪتاب مڪمل آهي.

... ”شاعريءَ جون صنفون“ ڪتاب، هڪ بهترين تخليق/ ترتيب آهي، جنهن کي لکي، ظفر عباسيءَ سنڌي شاعريءَ ۽ خاص ڪري نوجوان شاعرن تي وڏو وَڙُ ڪيو آهي. هن ڪتاب لکڻ تي ظفر عباسيءَ کي مبارڪون ڏيان ٿو.

– تاج جويو

A ROSHNI BOOK

Literature

Pakistan Rs. 35.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ٻاڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسل وارا پَنَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

**پڙهندڙ نَسُل . پ نَ The Reading Generation**

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)